ڊاڪٽر بشير چانڊيو (فياض لطيف)

# خط نگاري _ ابتدا، اهميت ۽ مختصر تاريخي پسمنظر: هڪ اڀياس


### Abstract:

## Letter-writing: Origination, Significance, A Brief Historical Background and Study

*Khat (letter) خط is an Arabic word which literally means a 'line' or a 'written statement' but in Arabic this word has been mostly used in the idiomatic sense of a written statement. In the sense of a letter or communication, it can be applied to any written expression. The synonyms and substitutes for خط are: مراسلو murasilo/(communication), نامه nama/ (epistle) and رقعه ruqqa/ (chit). Letters are those writings through which letter writers expresses and communicate their feelings and emotions to their loved ones. In the literary sense letter-writing is a genre in itself and it has its own limits and standards and it has its own form and style. This genre has attained a particular form and tinge after going through a certain literary process of evolution.*

*The word, نامه one of the three closest synonyms of, خط is derived from the Persian word نام which means name. It is in fact a type of ) خط letter). The word نامه can be explained as any writing, message or information which is ascribed to some name and is a means of expressing individual and personal feelings, particularly the letters written by lovers to their beloved are called نامه. In its idiomatic sense, it carries myriad meanings and can be suffixed to different words in various meanings, such as: خبر نامه khabarnama/ (news), سوالنامه sawalnama/(questionnaire), the autobiography of Qudratullah Shahab/ شهاب نامه shahabnama, from Allama Iqbal's poetic anthology 'Baal e Gibreel' the famous poem ساقی نامه saqi nama ( the account of wine server) and the works of Sachal Sarmast عشق نامه ishqmana (the account of love) and وحدت نامه wahdatnama (the account of the One) etc.*

*Similarly مراسله murasila is the name of those letters which people of the same position and status write to each another. The literal meaning of رقعه*







*ruqqa is a chit, idiomatically, it is a piece of paper on which someone writes something important and sends it to some kith and kin or to some near and dear one.*

*For خط (letter) the sense of تحرير tahreer/ (written stuff) is so common that in Arabic the word تحرير is used for خط. In Persian and Urdu the expression of خط is used both in the sense of 'the art of writing' and 'letter'. خوش خط khush khat/Good hand writing, رسم الخط rasmul khat/writing style and types of such styles are all kinds of خط Letter. There is an expression of 'Epistolary' for خط which is originally a Greek word. In English, the word for خط is 'letter'.*


**Key words:** *communication, synonym, expression, suffix, epistolary.*

**انسان** ازل کان پنهنجن جذبن، احساسن، تجربن، مشاهدن، خيالن، خوابن، خوبصورتين، خوشين، غمن ۽ اندر جي اُڌمن توڙي زماني جي حالن احوالن کي اورڻ ۽ اظهارڻ لاءِ مختلف ذريعا هٿ ڪري، انهن کي استعمال ڪندو رهيو آهي ۽ خَطَ انهن ذريعن مان اهڙو اثرائتو ۽ موهيندڙ ذريعو آهن، جيڪي نہ رڳو ٻن ڄڻن جي وچ ۾ هڪ نفيس احساساتي، جذباتي، شعوري ۽ نفسياتي ڳانڍاپي ۽ سُٻنڌ جي ريشمي تَند کي جوڙڻ ۽ قائم رکن ٿا، پر اهي تهذيبي، تمدني، سماجي، تاريخي ۽ ايتري حد تائين جو انساني جياپي جي ڪيترين ئي سچائين، داخلي وارتائن، خارجي لقائن، ذاتي تجربن، اجتماعي قدرن، انفرادي قرارن ۽ بي قرارين جي عڪاسي پڻ پيش ڪن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو خطن کي دلين ۽ دماغن جي دفتر جو اَمُلھ اثاثو تسليم ڪرڻ کان علاوه انهن کي نہ صرف انسان جي اظهار جا 'احساساتي عجائبات' ڪوٺيو ويو آهي، پر ان سان گڏوگڏ 'انساني تهذيب، تمدن ۽ تاريخ جو بي بها اَثاثو' بہ قرار ڏنو ويو آهي.

صدين کان وٺي خَطَ نہ رڳو پيغام رَسائي ۽ هڪٻئي کي مواصلاتي طرح ڳنڍي ۽ جُوڙي رکڻ جو بهترين ذريعو رهيا آهن، پر اهي ماڻهن جي هڪٻئي سان خيالي ۽ احساساتي ملاقاتن جو مؤثر ۽ محبوب وسيلو پڻ رهيا آهن. ان ڪري ئي خطن بابت عربيءَ جو اهو قول مشهور آهي تہ 'المکتوب نصف الملاقات' يعني خط اڌ ملاقات هوندا آهن، پر حقيقت اها آهي تہ آءٌ خطن کي پنهنجي تحريري لطافت، احساساتي نفاست، جذباتي حُسناڪي، کَري ۽ حقيقت پسنداڻي اظهار، بي ساختہ مڪالمي ۽

پنهنجائپ جي اظهار ڪارڻ نہ صرف اڌ، پر سڄي ملاقات ڪان بہ وڌيڪ ارفع ۽ اعليٰ سمجهان ٿو. ڇاڪاڻ تہ ملاقاتون فقط مادي وجودن جون محتاج هونديون آهن، جڏهن تہ خَطَ احساس جي احساس سان ۽ روح جي روح سان ملاقات کي ممڪن بڻائيندا آهن، جنهن ۾ جسم ۽ مادي وجود بنهہ معدوم ٿي ويندا آهن ۽ روحَ انوکي روشني بڻجي، نہ فقط روح رهاڻيون ڪندا آهن، پر خوابن کي حقيقت ۽ حقيقتن کي خواب بڻائڻ جو ڪرشمو پڻ ڪري ڏيکاريندا آهن.

خَطَ اڻ جهل جذبن ۽ احساسن جي فطري اُٿل هوندا آهن. اهي توڙي جو گهڻي حد تائين انفرادي ۽ ذاتي ٿيندا آهن، پر انهن ۾ موجود تاثير ۽ احساس جي تازگي، اجتماعي طرح مِڙني کي موهيندڙ ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ هوندي آهي. ڊاڪٽر سيد عبدالله پنهنجي هڪ مقالي ۾، ان حوالي سان لکي ٿو: ”خَطَ ذاتي هجڻ جي باوجود هڪ اهڙي جذبي جي پيدوار هوندا آهن، جيڪو وسيع معنيٰ ۾ هڪ وسيع تر جذبو آهي، انهيءَ ڪري خط جو نالو جڏهن زبان تي اچي ٿو، تڏهن طبيعت ۾ هڪ اڻڄاتل قسم جي جستجو ۽ هڪ پُرلطف قسم جي سَرهائي پيدا ٿئي ٿي، ڇو تہ خطن جي مطالعي مان متاثر ٿيڻ ۽ سُرور ماڻڻ جو جذبو هر ماڻهوءَ ۾ هڪجهڙو هوندو آهي، ان ڪري ٻين جي خطن کي پڙهي هڪ حد تائين پڙهندڙ پنهنجن ئي تجربن جو ورجاءُ ڪري ٿو پوءِ جڏهن هو انساني مزاج ۽ دل جي رنگارنگ تاثرن جي طلسم انگيز حُسناڪين کي پَسندو آهي، تڏهن هُو ڪنهن ادب پاري وانگر خطن مان بہ عام انساني ڪيفيتن جو سُرور ۽ سڪون حاصل ڪندو آهي.“[1]

خط جو ذڪر دنيا جي عظيم شاعر شاهہ لطيف بہ پنهنجي شاعريءَ ۾، انتهائي اثرائتي ۽ رقعت انگيز انداز ۾ ڪيو آهي. هُو پنهنجن بيتن ۾، ’ڪانگل‘ ذريعي نہ رڳو سڄڻن تائين سنيها پهچائڻ ۽ انهن جا خطن ذريعي پيغام ورائي ڪٽي اچڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو ، پر ان ڪان ساڻيهہ جي خوشي ۽ خوشحاليءَ جي خبرن چارن معلوم ڪرڻ جي هن ريت تقاضا پڻ ڪري ٿو:

آءُ ڪانگا، ٻَهُ ڪول، سُڏيون ڏي ساڻيهہ جُون،
جي آندئي عجيبن جا، خَطَ خوشيءَ مان ڪول،
آئون سُڻان تون ٻول، سنيهو سڄڻ جو.
شيخ، سُر پورب، داستان ١، بيت ٢٩، ص: ١٣٨)





اُن سان گڏوگڏ هُو خطن کي ’سورن جو سامان ۽ پرين پاران ڏنل عجيب تحفو‘ بہ سڏي ٿو، جيڪو توڙي جو وقت بہ وقت اَذيتون ۽ عذابَ بہ ڏئي ٿو، پر محبوبن هٿان مليل اهو ’انعام‘ ماڻهوءَ کي انوکا تجربا ۽ آجپو بہ عطا ڪري ٿو، ان ڪري ئي لطيف سسئيءَ جي زباني چوي ٿو:

ويو جاڳائي جَتُ، ويري ڪنهن ولات جو،
سندو سورن خَطُ، ڏنم هوتَ هٿن سين.
( شاهواڻي، سُر سسئي آبري، داستان ٩، بيت ١٠، ص: ٣٢٣)

خطَ، عام رواجي بہ ٿيندا آهن تہ، خاص ۽ غير روايتي بہ. شايد ورلي ڪو ماڻهو هوندو، جنهن جو خطن سان واهپو نہ رهيو هوندو. هر ماڻهوءَ جو خطن سان ڪنهن نہ ڪنهن ريت نينهن ۽ ناتو رهيو آهي. پڙهيل لکيل ماڻهوءَ لاءِ تہ خط وِندر ۽ وِرونهن جو حسين سامان هوندا آهن، پر اڻ پڙهيل پڻ خطن مان پنهنجي طريقي ۽ انداز سان لطف ماڻيندا آهن. هو پنهنجي اندر جي احساسن کي ٻين تائين پهچائڻ ڪان علاوه، انهن مان ٻيو بہ گهڻو لاڀ پرائيندا آهن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو خط لکي نہ سگهندو آهي تہ اهو ڪنهن ٻي ڪان لکرائي بہ، پنهنجن پرين ۽ پيارن کي موڪليندو آهي. ائين ئي ڪنهن پنهنجي سيڻ ۽ سڄڻ جو آيل خط ڪو پاڻ، پڙهي نہ سگهندو آهي تہ اهو وري ڪنهن ٻي پڙهيل ڪان پڙهائي پوءِ ئي سُکَ ۽ سڪون جو ساهہ کڻندو آهي. بهرحال خط سان ماڻهوءَ جو صدين ڪان وٺي، اهو جذباتي تعلق ۽ روحاني رشتو قائم ۽ دائم رهيو آهي.

خَطَ جو رومانس بہ عجيب رومانس آهي. اُن جو سُرور ۽ سڪون، اُن جو قرار ۽ بي قراري، اُن جو انتظار ۽ آنند بہ اُهي ئي ڄاڻن ٿا، جيڪي اُن جي عملي مرحلن مان گذريا هوندا. جن ڏينهنَ جا ڏهاڳ پوڳيي، راتين جون راتيون اکين ۾ ڪَٽيي، راهن جي رُجَ ۾ نيڻ وڇائي، پرينءَ جي پار ڏانهن ايندڙ خط جو انتظار ڪيو هوندو ۽ وڏي عرصي پُڄاڻان ڪنهن ٽپاليءَ هٿان، جڏهن اهو خط وٽن پهتو هوندو، تڏهن اهو لمحو ۽ ان لمحي جي سَرهائي ۽ سُندرتا بہ اهي ئي ماڻي، ڄاڻي ۽ اظهاري سگهندا، جن انوکي خوشبوئن جي واس ۾ ويڙهيل خطن جو واس ورتو هوندو. خطن جي احساساتي حُسناڪي ۽ حقيقت جي سُڌ بہ انهن کي هوندي، جن خطن جي پَنن کي پڙهندي، انهن ۾، محبوبن جي موهہ ۽ مُرڪن، سَنيهن ۽ سُڏڪن کي، نہ رڳو دل جي ڪَنن سان سُڻيو ۽ ساڃاهيو

هوندو، پر پَنن ۾ پرينءَ جي صورت ۽ مورت جا عڪس پَسيا هوندا.

"اڄ انٽرنيٽ، اي ميل، فيس بُڪ، ايس ايم ايس، موبائل فون، وائبر ۽ ٽوئيٽر جي اچڻ سان نہ صرف ٽيلي گرام ۽ ٽيلي فون جهڙا اهم شعبا جهڙوڪر بند ٿي چڪا آهن، پر ٽپال، خط وڪتابت ۽ ٽپال گهر جو سمورو سرشتو ۽ تصور ئي بدلجي ويو آهي. اڄ جي نوجوان کي اندازو ئي ناهي تہ ماضيءَ ۾ خط جي ڪيڏي اهميت هئي. زمين، ملڪيت، بادشاهيون، ايتري تائين جو زندگي ۽ موت جا فيصلا بہ خطن ذريعي ڪيا ويندا هئا."(٢)

خط، جيڪي ڪڏهن ماڻهوءَ کي کِلائيندا بہ هئا تہ روئاريندا بہ هئا. اوسيئڙيءَ جي آس تي ٽَنگي، اوجاڳا ۽ انتظار بہ ڪرائيندا هئا تہ حاصلات جون سَرهائيون ۽ سُندرتائون بہ آڇيندا هئا. محبوبن جا موڪليل پنا پڙهي، ڪيترن جون اکيون نہ رڳو لُڙڪن سان آليون ٿي وينديون هيون، پر سندن دليون بہ ميڻ بتيءَ وانگر راتين جون راتيون ٽيپو ٽيپو ٿي روئنديون ۽ رِجنديون هُيون. ڪي تہ ٽپاليءَ کان خط وصول ڪري، موتِئي جيان مَهڪي پوندا ۽ سيڻن جي سَنيهن کي نيڻن تي رکي، آڇپي جي آڪسيجن ماڻي وٺندا هئا تہ ڪي ٽپاليءَ کي هٿين خالي ڏسي، آس ۽ نراس جي آڳ ۾ پتنگن وانگر پَچندا ۽ پَڄرندا بہ هئا. مطلب تہ خطَ، ماڻهوءَ جو من ٺاريندا بہ هئا تہ ٻاريندا بہ هئا، پر هاڻي زمانو بدلجي ويو آهي، ماڻهو مشيني ٿي ويا آهن ۽ انهن جي خوابن، خيالن، محبتن ۽ مسرتن جا معيار ۽ محور بہ گهڻي حد تائين مَٽجي چڪا آهن. خَطَ ماضيءَ جو حصو ۽ قصو بڻجي چڪا آهن، پر ان جي باوجود خطَن جي خوبين ۽ خوبصورتين، انهن جي خوشگوار ۽ مسرت بخش احساس، انهن جي تصنع ۽ تڪلف کان آزاد اظهار، انهن جي سادي، سَرل ۽ ڪيفيتون اُڀاريندڙ لفظن، انهن جي اختصار، انهن جي خود ڪلاميءَ جهڙي انداز ۽ آهنگ، انهن جي رومانوي رنگينين ۽ احساساتي راحتن کان ڪنهن بہ طور تي انڪار ڪري نہ ٿو سگهجي.

جيئن تہ خَطَ بنيادي طرح رابطي، پيغام ۽ اندر جي اورڻ جو ذريعو رهيا آهن، انهيءَ ڪري انهن کي نہ رڳو فرد جي ذات ۽ زندگيءَ جو پوتاميل سمجهيو وڃي ٿو، پر اهي انسان جي سماجي، سياسي ۽ تهذيبي تاريخ جا سچا پچا دستاويز پڻ تصور ڪيا وڃن ٿا، جن جي ذريعي ڪيترين ئي لڪل ۽ مبهم صداقتن تائين رَسائي ممڪن ٿي





سگهي ٿي.

ڪيترائي سُڄاڻ ۽ ادب جا نقاد، خط کي نج پج 'تخليقي ۽ ادبي' شيءِ سمجهڻ بدران ان کي، گهٽ ڪري 'ادب ۽ فن' جو جزوي حصو سمجهن ٿا ۽ اهي ڪنهن حد تائين درست بہ آهن، ڇو تہ جيئن هر ڳالهايل گفتو 'ادب' نہ هوندو آهي ۽ ڪجهہ لفظن کي ترتيب ڏئي، لکت جي صورت ۾ پيش ڪرڻ 'تخليق' نہ آهي، ائين هر خط بہ، 'ادب ۽ فن' جون تقاضائون پوريون ڪندڙ نہ هوندو آهي.

خط نگاري ادبي صنف آهي يا نہ، ان بابت مختلف پارکن جا مخلتف رايا ملن ٿا. ڊاڪٽر عبدالله جو خيال آهي تہ: "خط نگاري ادب جي ٻين شعبن جي برعڪس اصلاً ادب نہ آهي، بلڪ هڪ ضروري ۽ افادي عمل آهي، پر جڏهن ان کي هڪ خاص ماحول، خاص مزاج، خاص استعداد ۽ خاص فضا ميسر ٿيندي آهي، تڏهن ئي اهو ادب بڻجڻ جي قابل ٿي سگهندو آهي."(٣)

ڊاڪٽر خورشيد الاسلام پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو: "خط لکڻ هڪ فن آهي. سٺي زندگي گذارڻ بہ هڪ فن آهي، پر ان ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ لاءِ هرڪو فن گهربل نہ هوندو آهي. فنونِ لطيفہ ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ اصول ۽ ضابطا ضرور هوندا آهن، پر محبت ڪرڻ لاءِ نہ علم سان ٿمٿار سينو درڪار آهي، نہ ئي علم جو سفينو. انهيءَ لاءِ جيڪڏهن اهو چئجي تہ خط لکڻ لاءِ فقط قلم ۽ ڪاغذ جي ضرورت آهي تہ، نہ خط لکڻ تي حرف ايندو ۽ نہ ئي خط لکندڙ تي، ڇو تہ ڪاغذ ۽ قلم صرف ڪاغذ ۽ قلم ئي تہ نہ هوندو آهي، ان ۾ جگر جو خون بہ تہ شامل هوندو آهي ۽ جتي دل جو خون هجي، اتي بي اصولي بہ هڪ اصول بڻجي پوندي آهي، لغزش بہ لطيف ٿي پوندي آهي. چنڊ، ستارا ۽ سج خودبخود سِرجي بہ پوندا آهن تہ اُڀرندا ۽ لهندا بہ آهن... جيئن زندگي پنهنجا رستا پاڻ ٺاهيندي آهي، ائين خَطَ بہ پنهنجون حيرتون ۽ حُسناڪيون پاڻ پيدا ڪندا آهن."(٤)

بنيادي طرح هر خطُ نجي ۽ ذاتي هوندو آهي، پر جڏهن اهو پنهنجي اظهار جي لطافت، احساس جي نفاست، خيال جي نُدرت، بيان جي سادگي، فڪر جي تازگي، ٻوليءَ جي حُسناڪي ۽ جذبن جي بي ساختہ اُڇل سبب، سيني کي موهيندو ۽ متاثر ڪندو آهي، تڏهن ئي اهو فني ۽ ادبي شهپارو بڻجي پوندو آهي.

ڊاڪٽر محمد عمر رضا چوائي: ”ٻين لطيف فنن وانگر خط نگاري بہ باقاعدي هڪ فن آهي ۽ ان کي خوبصورت ۽ دل نشين بڻائڻ لاءِ قلمي ڪاوش جي ضرورت هوندي آهي.جيتوڻيڪ خط هڪ ذاتي شيءِ آهي ۽ اهو ڪنهن پرين پياري ڏانهن لکي موڪلبو آهي، انهيءَ ڪري خط لکندڙ ان ۾ ٻوليءَ جي شائستگي ۽ دل نشيني پيدا ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندو آهي. ايتري تائين جو هڪ عام ماڻهو بہ جڏهن خط لکندو آهي، تڏهن ان کي بيان ۽ اسلوب جي سُندرتا کان وٺي جذبن ۽ تاثر جي جاذبيت تائين هر لحاظ کان بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ جيئن ٻي ڪي سمجھ ۾ اچڻ کان علاوه ان تي سٺا اثر مرتب ڪري سگهي. جڏهن تہ آتم ڪهاڻي لکڻ وقت، ليکڪ کي اها خبر هوندي آهي تہ هو ڪنهن هڪ سان نہ، پر هزارين ماڻهن سان مخاطب آهي ۽ ساڻن پنهنجون ڳالهيون سَلي ۽ سُڻائي رهيو آهي، انهيءَ ڪري هو پنهنجي هر ڳالھ سوچي، ويچاري ۽ وڏي احتياط کان پوءِ بيان ڪندو آهي، جيڪا تمام تر لطافتن ۽ دل نشينين جي هوندي بہ ٿهيل ٺُڪيل هوندي آهي، جنهن ۾ ليکڪ اهڙيون ڪيتريون ئي ڳالهيون لِڪائي ويندو آهي، جيڪي هُو جڳ جهان سان سَلڻ ۽ پچارڻ نہ چاهيندو آهي.“(۵)

ان جي برعڪس خط لکندڙ پنهنجي خوبين توڙي خامين کي بنا ڪنهن ڊپ ۽ اُلڪي جي اظهاري سگهندو آهي، ڇو تہ هُن جو مخاطب ڪو پنهنجو عزيز ۽ دوست هوندو آهي، جنهن سان هو دل کولي پنهنجا سور سليندو ۽ اَرهائيون سرهائيون اوريندو آهي، ان ڪري خطَ ۾ ماڻهو پنهنجن پورن گڻن، اَوگڻن، اوڻائين، پوڻائين مطلب تہ هڪ مڪمل شخصيت طور موجود هوندو آهي. هڪ لحاظ کان خط هڪ اهڙو مڪالمو آهي، جيڪو ماڻهو نہ رڳو پنهنجي من کي خوش ڪرڻ ۽ پنهنجي دل جي بار کي هلڪو ڪرڻ لاءِ لکندو آهي، پر هُو پنهنجي پوري ذات ۽ زندگيءَ جي ’ڪيٿارسس‘ لاءِ لکندو آهي.

خطَ ۾ زندگيءَ جي روزمره جي مسئلن ۽ مامرن کان وٺي، انسان جي داخلي دردن، سُکن ۽ سُندرتائن تائين جي ڪيفيتن کي، جنهن سچائي ۽ ڪرائيءَ سان اظهاريو ۽ پيش ڪيو ويجي ٿو، ان مان نہ فقط سماج جي ڪيترن ئي رُخن جي سُڌ پوي ٿي، پر انهن مان خط نگار جي ذات ۽ زندگيءَ جي انيڪ لڪل رُخن جي پروڙ پڻ پوي ٿي. ان کان علاوه خطن ۾ سليس ۽ سُپڪ ٻوليءَ جو استعمال، نفيس ۽ تخليقي نثر، بي تڪلف ۽





تصنع کان آجو اندازِ بيان ۽ ٻيون اهڙيون ڪيئي خوبيون، نہ رڳو ان کي نِرالو ۽ منفرد بڻائين ٿيون، پر ان کي ’فنِ لطيف‘ جي حُسناڪ ۽ اعليٰ پَد تي پهچائن ٿيون .

درحقيقت خط نگاري سولي ۽ سهنجي ڪم هجڻ سان گڏوگڏ انتهائي مشڪل ۽ اوکو ڪم آهي، ڇو تہ اها پنهنجي ذات جي ذميداري ۽ اندر جو اساس بہ آهي. اهو سولو انهيءَ ڪري آهي، جو هر ٻہ اکر پڙهيل پُرش (ماڻهو) پنهنجي/پرائي ڳالھ کي لفظن ۾ سهيڙي، ان کي سولائيءَ سان ٻئي تائين پهچائي سگهي ٿو ۽ ٻيو ان جي عام فهم ۽ رواجي ڳالھ کي سولائيءَ سان سمجهي بہ وڃي ٿو، پر اهو اوکو ۽ مشڪل تڏهن بڻجي ٿو، جڏهن اظهار ۽ ابلاغ کان اڳتي وڌي فني ۽ تخليقي شيءِ بڻجي ٿو ۽ اهي نُدرتون ئي انهيءَ کي ان قابل بڻائين ٿيون، جو ان جي تاثير ۽ تازگي دل ۽ دماغ جي دروازي کي کڙڪائي، ساري وجود کي پنهنجي اندر ۾ ويڙهي ڇڏي ٿي.

مطلب تہ خط هڪ اهڙو آئينو آهي، جنهن ۾ اوهان پنهنجي ذات ۽ اُن سان واڳيل مِڙني وارتائن جا عڪسَ ۽ اولڙا پَسي سگهو ٿا. دراصل خط انسان جي سچي پچي سرگزشت هوندا آهن، جيڪا ماڻهو پنهنجي ڪنهن حال ڀائيءَ سان نہ رڳو سَلي وڏو سڪون ماڻيندا آهن، پر اُها ٻين لاءِ پڻ سبق آموز ۽ آنند جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

خطَ جي ادبي صنف جي حوالي سان ڊاڪٽر عبدالله لکي ٿو: ”ادبي خطَ جو فن تمام گهڻو نازڪ ۽ نرالو آهي، ڇو تہ اها ڪاريگري بہ آهي تہ آئينہ سازي بہ. اهو مختصر ۽ محدود بہ ۽ وسيع ۽ بي ڪران بہ آهي. هيءُ فن بي حد شخصي ۽ انفرادي بہ آهي، پر تنهن هوندي بہ آفاقي ۽ اجتماعي آهي. ان ۾ دانش بہ آهي، تہ بينش بہ. هي بظاهر ڪجھ بہ نہ آهي، پر ان جو هر ورق پوءِ بہ ڪوڙ حوالن سان خالق ۽ انسان جي معرفت جو دفتر آهي. هي لکندڙ لاءِ تہ محض عرضِ سخن آهي، پر پڙهندڙ لاءِ هڪ فني شاهڪار بہ ٿي سگهي ٿو. مطلب تہ خط هڪ جهانِ راز آهي، جنهن جو راز اگر سربستہ رهي تہ اهو شعور کي معنائن جي موتين سان مالا مال ڪري ڇڏي ۽ جي آشڪار ٿي پوي تہ جذبن جي ساري دنيا مشڪِ زار بڻجي وڃي.“(٦)

مضمون، مقصد، سٽاءَ ۽ فن جي لحاظ کان خطن جا ڪيئي قسم ٻُڌايا وڃن ٿا. جهڙوڪ: ڪاروباري خطَ، عام رواجي خطَ، ذاتي خطَ، ادبي خطَ، سياسي خطَ، رومانوي خطَ، شاهي خطَ، تَنبيهي خطَ، تعزيتي خطَ، تعريفي خطَ، ناصحاڻا خطَ،

ناقداڻا خطَ، مذهبي خطَ، دفتري خطَ، اطلاعاتي خطَ، اخلاقي ۽ اصلاحي خطَ، علمي ۽ معلوماتي خطَ، خيالي ۽ افسانوي خطَ، سياحتي خطَ، سفارتي خطَ ۽ نسواني خطَ وغيره.

انهن کان علاوه جديد دور ۾ خط جو هڪ ٻيو اهم قسم پڻ رائج آهي، جنهن کي اخباري يا کُليل خطُ چئجي ٿو، جيڪو لکيو ۽ مخاطب ته هڪ فرد يعني ڪنهن اخبار/ رسالي جي ايڊيٽر کي ويندو آهي، پر اهو اصل ۾ سڀني لاءِ هوندو آهي. اُهو عام پڙهندڙن کي مخاطب هوندو آهي، جنهن ۾ فقط انفرادي ڏک ۽ سور نه هوندا آهن، پر اهو قوم ۽ سماج جو اجتمائي آواز هوندو آهي. اهڙا خط خاص ڪري اخبارن، رسالن ۽ پمفليٽن جي صورت ۾ ڇپرايا/شايع ڪيا ويندا آهن. جيتوڻيڪ عام معنيٰ ۾ خط اهو هوندو آهي، جيڪو لفافي ۾ هجي ۽ بند هجي، پر هن خط جي خصوصيت ئي ’کُليل هجڻ‘ هوندي آهي.

**خَطَ جي لفظي، لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ:**

خَطَ جي لفظي، لغوي ۽ اصطلاحي مفهومن لاءِ لغتن، انسائيڪلوپيڊيائن ۽ ڪجھ ٻين علمي ادبي ڪتابن مان جيڪو مواد ميسر ٿي سگهيو آهي، ان کي هيٺ بيان ڪجي ٿو.

خَطَ جي وضاحت ’آڪسفورڊ ايڊوانس لَرنرس ڊڪشنريءَ‘ ۾ هن ريت ملي ٿو:

“A message that is written down or printed on paper and usually put in an envelope and sent to someone is called a letter.”(7)

ساڳي لفظ کي ’آن لائن رِوَرسو ڊڪشنري‘ ۾ هن ريت بيان ڪيو ويو آهي:

“A written or printed communication addressed to a person, company, etc., usually sent by post in an envelope.”(8)

ڪفايت جامع انگريزي- سنڌي لغت ۾، خط سان لاڳاپيل ٽن لفظن، (LETTER)، (EPISTLE) ۽ (MISSIVE) جي تشريح هن طرح ٿيل آهي:

1.“LETTER,...a written or printed message signed and sent by post, to an addressee, literal meaning, printing type, learning, literary culture, stamp letters upon, to mark with a letter or letters.”(vol:2, p:1570)

2.“MISSIVE: such as is sent, missile that which is sent, as a letter, a messenger, a missile, a message, letters sent between two parties in which





one makes an offer and other accepts it.”(vol:2, P:1787)

3.“EPISTLE: something written and sent to someone, a letter, a letter to an individual.”(vol:1, p:932), (9).

جامع سنڌي لُغات ۾، خَطَ لفظ جون هيٺيون معنائون ملن ٿيون: ”خَطُ ج خَطَ: ذ، [ع. خَط = هن لِيڪو پاتو، هن لِڪيو] ليڪو، لِيڪَ، ريکا، لِکت، لِکَٽي، تحرير، چِٺي، رُقعو، نامو، رسم الخط، صورتخطي، دستاويز وغيره.“(١٠)

جڏهن ته ڊاڪٽر نسرين ممتاز مختلف ماخذن جا حوالا ڏيندي، پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿي: ”خط عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ، ’سِٽَ‘ يا ’تحرير‘ آهي، پر عربي ۾ هي لفظ اصطلاحي طور ’تحرير‘ جي معنيٰ ۾ به استعمال ٿيو آهي ته، خط يا مراسلي جي معنيٰ ۾ به. خط لفظ جو اطلاق ڪنهن به لکيل ۽ تحرير ۾ آيل شيءِ تي ٿي سگهي ٿو. ادب جي اصطلاح ۾، خط نگاري هڪ صنف جو نالو آهي. خط، مراسلو، نامه ۽ رقعه، اُن جا مُتبادل ۽ مُترادف لفظ آهن...خَطَ اها تحرير هوندا آهن، جن ۾ خط نگار پنهنجن خيالن ۽ جذبن جو اظهار ڪري، اها پنهنجن پرين پيارن ڏانهن موڪليندا آهن...ادبي اصطلاح ۾ خط نگاري باقاعدي هڪ صنف آهي، جنهن جون پنهنجون حدون ۽ معيار آهن ۽ جنهن کي پنهنجي هيئت، فن ۽ اسلوب آهي. هيءَ صنف هڪ مخصوص رنگ ۾ رنگجڻ کان پوءِ، ادب جو روپ اختيار ڪري وٺندي آهي.“(١١)

خَطَ جي لفظي ۽ اصطلاحي مفهومن کي وڌيڪ واضح ڪرڻ خاطر ائين چئي سگهجي ٿو ته، لفظن ۽ جملن جي جوڙجڪ ۽ انهن کي ڪنهن وياڪرڻي اصول ۽ قاعدي موجب تحرير جي صورت ۾، اهڙيءَ ريت لِکڻ ۽ سِرجڻ، جو اهي ڪنهن اظهار جو پورو ابلاغ ڪن ته اهڙي لفظي ڪِرت ۽ لکت کي ’خَطُ‘ چئبو.

خَطَ ۽ اُن جي مفهوم سان ويجهو لاڳاپو رکندڙ اصطلاحن ’نامه، مراسله ۽ رقعه‘ کي به هن ريت سمجهائي سگهجي ٿو. اصل ۾ نامه به خط جو هڪ نمونو آهي. ’نامه‘ لفظ نامر يا نالي مان ورتل آهي، جنهن جو مطلب آهي، ڪا به تحرير، پيغام يا ڪو اطلاع، ڪنهن به نالي سان منسوب ڪري اظهار ڪرڻ، جنهن ۾ انفرادي طور ذاتي ۽ جذباتي نوعيت جي جذبن ۽ احساسن جو اظهار ٿيل هوندو آهي. خاص ڪري عاشقن جا معشوقن ۽ معشوقن جا عاشقن ڏانهن لکيل خط ’نامه‘ چوائيندا آهن. جيتوڻيڪ

اصطلاحي معنيٰ ۾ ’نامہ‘ همہ گير مفهوم رکي ٿو، جيڪو ٻين مختلف لفظن سان ملي، ڌار ڌار معنائون جُوڙي ٿو. جيئن: ’خبر نامہ‘، ’سوالنامہ‘، قدرت الله شهاب جو سوانحي ڪتاب ’شهاب نامہ‘، علامہ اقبال جي شعري مجموعي ’بالِ جبريل‘ جو مشهور نظم ’ساقي نامہ‘، سچل سرمست جو ’عشق نامہ‘ ۽ اصغر سنڌيءَ جو سياسي ڪتاب، ’سنڌ نامو‘ وغيره.

اهڙيءَ ريت مراسلو بہ اهڙن خطن کي چيو وڃي ٿو، جيڪي هڪ ئي حيثيت ۽ رُتبي وارا ماڻهو يا عملدار، هڪٻئي ڏانهن لکي موڪليندا آهن. ’رقعہ‘ جي لغوي معنيٰ ڪاغذ جو ٽُڪرو آهي. بطور اصطلاح اهڙو پَنو، جنهن تي لکندڙ پنهنجي داخلي وارتا لکي، ڪنهن دوست، عزيز ۽ احباب ڪي اَرسال ڪري تہ ان کي رقعہ سڏبو .

خطَ لاءِ ’تحرير ۽ لکت‘جو لفظ ايترو تہ مُروج آهي جو، ”عربي ۾، ’تحرير‘ کي ئي خط چيو وڃي ٿو. فارسي ۽ اردو ٻولين ۾، خط جو اصطلاح ساڳي وقت ’فنِ تحرير‘ لاءِ بہ استعمال ٿئي ٿو تہ، ’خط‘ جي لاءِ بہ مُستعمل آهي. خوش خط، خراب خط، رسم الخط ۽ رسم الخط جي سيني قسمن، ’خطِ ڪوفي، خطِ تعليق، خطِ نسخ، خطِ شڪستہ، خطِ نستعليق‘ وغيره جهڙيون ترڪيبون، خط جي اصطلاح کي لکت طور فن سمجهڻ جو، مثال ۽ ثبوت آهن. جڏهن تہ ٻي طرف ’خط‘ جو ’خط ‘جي معنيٰ ۾ استعمال پڻ عام ۽ گهڻو معروف آهي. انگريزي ٻوليءَ ۾، خط جو متبادل لفظ، ‘LETTER’ بہ، ’حرف‘ ۽ ’خط‘ جي معنيٰ ڏئي ٿو.“(١٢)

خط جي لفظي، لغوي ۽ اصطلاحي مفهوم بابت، مٿي پيش ڪيل مواد تي نظر وجهڻ ۽ ان جو تجزيو ڪرڻ کان پوءِ حاصل مقصد اهو آهي تہ، خطُ اصل ۾ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ اهڙي تحرير ۽ عبارت آهي، جيڪا نياپي، (سَنيهي) ۽ ٻن فردن جي وچ ۾، مواصلاتي وڇوٽي باوجود رابطي جو ڪردار ادا ڪري سگهي، ۽ خَطَ کي پنهنجي انهيءَ خصوصيت سبب ئي سماج ۾، نہ صرف وڏي وقعت حاصل رهي آهي، پر اهو پنهنجي اظهار جي کَرائي، بي ساختگي، سِڌي تخاطب، شائستگي، لطافت، پنهنجائپ جي احساس ۽ بيان جي خوبين ۽ خوبصورتين ڪارڻ ’ادبِ لطيف‘ جي حيثيت پڻ ماڻي چڪو آهي.





**خط نگاري جي اهميت:**

خط ذاتي ۽ انفرادي اظهار جي اُپٽار تي ٻڌل هجڻ سبب نہ رڳو هٿ ٺوڪي، مصلحت ۽ ملاوٽ جي اَوگڻن کان آجو ۽ آزاد هوندو آهي، پر خط نگار جي شخصيت، ذات ۽ زندگيءَ جو سچو پچو عڪس ۽ آئينو بہ هوندو آهي.

خطَ ۾، خط لکندڙ ۽ جنهن ڏانهن لکيو وڃي ٿو، انهن ٻنهي جون جذباتي ڪيفيتون، نفسياتي اُلجهنون، رازداريون، خلوص ۽ پنهنجائپ جا احساس تہ عيان هوندا آهن، پر جيئن تہ خط نگار پنهنجن خطن ۾، پنهنجي دور جي سياسي، سماجي، اقتصادي، تهذيبي ۽ تاريخي حالتن کي پڻ سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح کُليءَ دل ۽ بي باڪيءَ سان بيان ڪندو آهي، انهيءَ ڪري خط، خط لکندڙ ۽ جنهن ڏانهن لکيو وڃي ٿو، جي سوانح حيات سان گڏوگڏ هڪ دور جي تاريخ جو اهم دستاويز پڻ هوندا آهن، ان ڪري انهن جي وڏي وقعت ۽ گهڻ رُخي اهميت آهي.

سيني قسمن جي خطن ۾ هڪڙي خاص ڳالهہ لازمي ۽ يقيني هوندي آهي تہ، اهو هميشہ ڪنهن کي مخاطب ٿي لکيو ويندو آهي، يعني ڪو فاعل ڪنهن مفعول سان ڳالهہ ٻولهہ ۽ گفتگو ڪندو ۽ پنهنجي مُراد بيان ڪندو آهي.

”خط بظاهر تہ ٻن ڄڻن جي پاڻ ۾ نجي معاملن جو هڪ دستاويز هوندو آهي، پر ان کي گهرائي سان ڏسبو تہ، ان جو دائرو تمام گهڻو ڪشادو ۽ وسيع آهي. خط جو اندازِ تخاطب، جتي ٻن ماڻهن جي ذاتي تعلق ۽ ذهني هم آهنگين کي عيان ڪري ٿو، اتي اهو پنهنجي دور جي سماجي ۽ تهذيبي روين کي بہ سامهون آڻي ٿو.... خط لکندڙ جي تحرير، جتي هڪ طرف ٻوليءَ جي اظهار، بيان ۽ روزمره جي استعمال ۾ ايندڙ لفظن ۽ محاورن جي خوبين ۽ خوبصورتين کان آشنا ڪري ٿي تہ، ٻي طرف اها ان دور جي وقت ۽ حالتن کان باخبر رکڻ سان گڏوگڏ، تخليقي اظهار، انداز ۽ مروج رسم الخط ۽ اِملا جي طور طريقن کان پڻ آگاهہ ڪري ٿي. خطَ ڪنهن بہ دور جي ٻولي ۽ تهذيب جي ارتقا، تغير ۽ تبديلي جا وڏا گواهہ هوندا آهن.“(١٣)

خطَ، ان کان علاوه عالمن، سياستدانن، مشاهيرن، مفڪرن، اديبن، شاعرن ۽ آرٽسٽن جي سوانح نگاري، توڙي ڪنهن بہ ملڪ ۽ قوم جي سياسي، سماجي، اقتصادي، ثقافتي، تهذيبي، علمي ۽ ادبي اتهاس کي مرتب ڪرڻ ۽ اُن کي ڇنڊي ڇاڻي،

اُن مان حقيقيتن حاصل ڪرڻ جو بهترين ماخذ پڻ هوندا آهن.

دنيا جي معروف سياستدانن، ڏاهن، سِرجڻهارن ۽ فنڪارن جهڙوڪ: شيڪسپيئر، ٿامس وولف، هينري جيمز، جيمس جوائس، ورجينا وولف، ڪاميو، ڪافڪا، ڪيٽس، گورڪي، ٽالسٽاءِ، ترگنيف، آسڪروائلڊ، وڪٽر هيوگو، بائرن، برائوننگ، بودليئر، برنارڊشا، خليل جبران، شيخ اياز، پُشڪن، موپا سان،جان پال سارتر، پال گاگن، مائيڪل اينجلو، وان گوگ، مارڪس، اينجلس، نيپولن، هٽلر، غالب، اقبال، فيض، جي ايم سيد، علامہ آءِ آءِ قاضي، جواهر لال نهرو، مها تما گانڌي، مولانا آزاد، محمد علي جناح، ذوالفقار ڀُٽي ۽ ٻين ڪيترن ئي اهڙن ماڻهن جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا، جن جي خطن جي منظرِ عام تي اچڻ سان، نہ فقط انهن جي لکيل خطن مان سندن ذات ۽ زندگيءَ جي ڪيترن ئي رُخن، رعنائين ۽ رازن جي پروڙ پئي آهي، پر تاريخ جون انيڪ پوشيده سچائيون پڻ سامهون آيون آهن.

”مائيڪل اينجلو ڪي، دنيا هڪ عظيم آرٽسٽ طور سڃاڻي، پر جڏهن هُن جا خطَ منظرِ عام تي آيا تہ، سندس ڳنڀير شخصيت جا ڪيئي راز کُلي سامهون آيا.... بيشڪ هن جي آڳرين عظيم تخليقن کي جنم ڏنو آهي، پر سندس اندر جي ڪائنات جا ڳُجهہ سندس خطن کوليا. فرانز ڪافڪا دنيا جي ادب جو هڪ وڏو نالو، پر ان نانءَ جي پٺيان هڪ طويل درد ڪهاڻي. هن جنهن ذهني ڪشمڪش، ويڳاڻپ، بي سڪوني ۽ اوجاڳن جي حالتن ۾ تخليقون سِرجيون، انهن ادب ۾، هڪ نئين رجحان کي جنم ڏنو... پر هن جا پنهنجي محبوبا ميلينا ۽ والد ڏانهن لکيل خط بہ تمام گهڻا اهم آهن، جن مان ڪافڪا جي ذات جي پيڙا، ذهني اذيت، ويڳاڻپ ۽ زندگيءَ بابت نظريي جي پروڙ پوي ٿي.“[١٤]

ائين ڊچ مصور وان گوگ جون ٿاهيل تصويرون شاهڪار جي حيثيت رکن ٿيون، جن کي هن نہ فقط رنگن ۽ برش جي مدد سان تخليق ڪيو آهي، پر انهن جي هر ’اِسٽروڪ‘ ۾، هن جي روح جو رَتُ ۽ سچ جيان جلندڙ سندس دماغ جو سَتُ بہ شامل آهي، ليڪن هن پنهنجي دوستن جهڙي ڀاءُ ’ٿِيو‘ کي جيڪي خط لکيا آهن، انهن مان نہ رڳو سندس تخليقي ڪيفيتن، احساسِ محرومين، معاشي مجبورين، دلي روڳن ۽ جذباتي جولانن جي خبر پوي ٿي، پر سندس همعصر دور جي بي حسي، لاتعلقي ۽





معروضي حالتن ۽ ماحول جو مجموعي عڪس ۽ نقش بہ چِٽو نظر اچي ٿو.

لبنان جي يگاني ليکڪ خليل جبران جا اهي خط، جيڪي هن پنهنجي محبوبائن ’ميري هيڪل‘ ۽ ’مي زيد‘ کي لکيا آهن، اهي پڻ پڙهڻ ۽ هِنئين سان هنڊائڻ جهڙا آهن. انهن خطن ۾ هن نہ فقط، پنهنجي شاعراڻي ڏات ۽ فنڪاراڻي ڏاهپ جا جوهر ڏيکاريا آهن، پر پنهنجن پريمڪائن جي موهہ ۽ محبت، ڦوڙي ۽ فراق جي آڳ ۾، هو پتنگن وانگر جَليو، پَچيو، پڄريو، لُڇيو ۽ تڙپيو بہ آهي.

ڪارل مارڪس هڪ سنجيده ليکڪ، مها ڏاهو ۽ پنهنجي روشن دماغ ۾، دنيا کي بدلائڻ جا سُندر سپنا سانڍي، انهن کي ساڀيان بڻائڻ لاءِ رات ڏينهن علمي پورهيو ڪندڙ پورهيت، جيڪو ساري سنسار ۾، پنهنجن فلسفياڻي لکڻين ۽ مُدبراڻي فڪري نظرين جي حوالي سان ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو. ان جا پنهنجي محبوبہ/ ونيءَ جيني ڏانهن لکيل خط انتهائي اهم آهن، جن ۾ هو هڪ انقلابي سان گڏوگڏ، هڪ مڪمل عاشق ۽ پيار جو پروانو نظر اچي ٿو، پر جيني جيڪي مارڪس کي خط لکيا آهن، اهي بہ پڙهڻ جوڳا آهن. انهن ۾ نہ رڳو مارڪس لاءِ جينيءَ جي دل ۾ موجزن محبت جي ساگر کي پَسي سگهجي ٿو، پر شڪوه ۽ شڪايتن، الزامن ۽ هڪ ٻئي کان ڏار ٿي وڃڻ جي سَهاپن جو، هڪ نہ کُٽندڙ سلسلو بہ نظر اچي ٿو. محبت يقيناً ماڻهوءَ کي مڪمل طور بدلائي تہ ڇڏي ٿي، پر سندس شخصيت جا سمورا خول بہ پٽي پورا ڪري ڇڏي ٿي.

مارڪس ۽ اينگلس جا هڪ ٻئي ڏانهن لکيل نظرياتي ۽ فڪري خط وڏو اَثاثو آهن، جن ۾ هُنن سياست، تاريخ، فطرت، فلسفي، معاشيات، مذهب ۽ ٻين انيڪ موضوعن تي غير معمولي بحث ڪيا آهن. انهن خطن ۾ هُنن هڪ ٻئي تي سخت ڇوهہ بہ ڇنڊيا آهن تہ ڪيترن نقطن تي اتفاق ڪري، هڪ ٻئي سان محبتن جو اظهار پڻ ڪيو آهي.

ساڳيءَ طرح رابندر ناٿ ٽئگور جا خط بہ ڏاڍا دلچسپ ۽ انوکا آهن، جن مان هُن جي شخصيت جي لکل ٻين ڪيترن ئي رُخن جي پڌرائيءَ سان گڏ ڪيترين ئي سماجي حقيقتن ۽ تاريخي سچائين جي سُڌ پوي ٿي.

تاريخ جي ورقن ۾ هٽلر ۽ نيپولن جو تعارف گهڻوتڻو هڪ جنگجو، سفاڪ، سخت جان، ڪَٺور دل ۽ کُند ذهن طور ملي ٿو، جيڪي هر وقت گوليءَ جي ٻولي

ڳالهائن ٿا ۽ دنيا کي زير ۽ مات ڪرڻ جي جنون ۾، هر ساعت سرگردان رهن ٿا، پر جڏهن سندن خطن جو مطالعو ڪجي ٿو، تڏهن هِنيون حيرت ۾ پئجي وڃي ٿو: ڇو ته انهن سخت جان ۽ پٿر دل ماڻهن جي اندر ۾، هڪ ٻيو ماڻهو به موجود ملي ٿو، جنهن وٽ جذبا ۽ احساس به آهن ته، محبتون ۽ چاهتون به آهن، لُڙڪ ۽ مُرڪون به آهن ته، محبوب اڳيان هارڻ، ليلائڻ، عاجزي ۽ انڪساريءَ سان پيش پوڻ جون سموريون انساني وصفون به آهن.

ساڳيءَ ريت جواهر لال نهرو، مهاتما گانڌي، مولانا آزاد ۽ ذوالفقار علي ڀُٽي جي شناخت جو وڏو ۽ حاوي حوالو سياست ۽ راڄ نيتي آهي، جنهن ۾ دل ۽ جذبات جي جهان کان وڏيڪ، دنيا ۽ دنيا داري جا جنجهٽ حائل هوندا آهن، پر انهن مِڙني جا خط، (جيڪي علم، ڏاهپ، محبت، مساوات، آدرش، آزادي ۽ زندگيءَ جي ٻين اهڙين ڪيترين ئي حقيقتن ۽ حُسناڪين سان مالا مال آهن) پڙهڻ کان پوءِ شدت سان احساس ٿئي ٿو ته، هنن اعليٰ دماغ ماڻهن جون دليون به ڪيتريون نه روشن ۽ حُسناڪين سان معمور آهن!

”خط نگاري، جن صنفن سان ادبي مماثلت رکي ٿي، ان ۾ ان جي سڀ کان وڌيڪ ويجهڙائي ۽ قرابت ’اِنشائيہ‘ سان آهي، ڇو ته موضوع نگارش جي لحاظ کان ’اِنشائيہ‘ ۽ ’خطَ‘ ساڳيون غير متعين حدون ۽ سرحدون رکي ٿو ۽ انساني زندگيءَ بابت ڪوئي به واقعو، حادثو، سانحو يا انسان جو ڪو به مشاهدو ۽ تجربو انشائيہ ۽ خطَ ۾ گهٽو ڪري ساڳي خوبصورتيءَ سان بيان ڪري سگهجي ٿو. بي تڪلفي، برجستگي ۽ داخليت، ’انشائيہ ۽ خط نگاري‘ ٻنهي جون گڏيل خصوصيتون آهن...انشائيہ کان پوءِ خط نگاريءَ سان، ڪجھ پهلوئن ۽ وصفن جي لحاظ کان قريب ترين ادب جي صنف آتم ڪهاڻي آهي.“(١٥)

خطن جي هڪ وڏي خوبي اها به آهي ته، اهي جيئن ته ٻن فردن جي وچ ۾ هڪ مڪالمي ۽ انتهائي راز ۽ نياز جي ڳالهين تي مشتمل هوندا آهن، ان ڪري عام طرح ماڻهو جيڪي ڳالهيون ۽ اندر جا سور ۽ پور ٻي ڪنهن تحرير ۾، اوري ۽ اظهاري نه سگهندو آهي، اهي خطَ ۾، بنا ڪنهن هٻڪ جي بيان ڪندو آهي، ڇاڪاڻ ته ڪيس اها پوري پَڪ هوندي آهي ته، هو اهي ڪنهن ٻئي سان نه، پر پنهنجي ڪنهن پرين پياري سان سَلي رهيو آهي، انهيءَ ڪري خطُ خود ڪلامي به هوندو آهي.





ان کان علاوه، ماڻهو جيڪا ڳالھ ڪنهن کي حجاب توڙي ڪنهن ٻي سبب ڪري سامهون نه چئي سگهندو آهي، اها خط ۾ سولائيءَ سان اظهاري ويندو آهي. سامهون چيل ڳالهيون، ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ کي چيڙائي ڇڏينديون آهن، نتيجي ۾ ويجهن لاڳاپن ۾ به تلخيون پيدا ٿي پونديون آهن، پر خطَ گهٽو ڪري رِشتن کي جوڙيندا ۽ تلخين کي ختم ڪندا آهن ۽ اها ئي خاصيت انهن کي اهميت جو ڳو ۽ نرالو بڻائي ٿي.

خطن مان، خط لکندڙ جي سوچ، فڪر، مزاج ۽ ٻين مِڙني انساني جبلتن جي نه صرف سُڌ پوندي آهي، پر ان جي ٻي ربط ۽ ٻي ڏيڀي خيالن جي اظهار مان، سماج جي ٻين ڪيترين ئي صداقتن بابت معلومات پڻ ملندي آهي، جيڪا ٻي ڪنهن ذريعي ملڻ مشڪل هوندي آهي. ڪيترن ئي دورن، خاص ڪري سورهين ۽ سترهين صديءَ ۾، مَڪتوب نگارن کي ان ڪم جي بنياد تي وڏي تعظيم ملي آهي ۽ انهن کي اعليٰ خطابن سان نوازڻ سان گڏ اعليٰ رُتبا به عطا ڪيا ويا آهن، خاص ڪري مسلم حڪمرانن جي دورن ۾ ان جا انيڪ مثال ملن ٿا .ان سلسلي ۾ عظمت حيات پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو: ”اسلامي معاشري ۾ مُڪاتبت ۽ مراسلت جي فن تي دسترس رکڻ وارن انشاپردازن کي وڏي عزت ڏئي، جيءَ ۾ جايون ڏنيون وينديون هيون. اڪثر اسلامي حڪومتن ۾، تحرير جي فن تي عبور رکندڙ صاحبِ طرز مَڪتوب نگار وزير ۽ مشير رهيا آهن. ان حوالي سان عبدالحميد بن يحيٰ، اِبنِ عميد، محمود گاوان، فيضي ۽ عبدالفضل جا نالا سرفهرست آهن.“(١٦)

ان دور ۾ سُني تحرير لکندڙ ۽ خطاطن جو نه فقط معاشري ۾، وڏو مانُ ۽ مرتبو هو، پر وقت جي حاڪمن وٽ پڻ انهن جي وڏي عزت ۽ حيثيت هئي. ان وقت خط نگار جي عام توڙي خاص ۾ اها اهميت هئي، جو ان لاءِ چيو ويندو هو ته، هُو ئي تاديب ۽ تهذيب جو حقيقي مبلغ ۽ وارث آهي.

خَطن جي اهميت جو اندازو ان ڳالھ مان ئي لڳائي سگهجي ٿو ته، اهي نه رڳو مختلف دورن ۾ مختلف انداز سان اظهار، ابلاغ ۽ پيغام رَسائيءَ جو وڏو ذريعو رهيا آهن، پر ماڻهوءَ جي ذات ۽ زندگيءَ جي مجموعي شعوري، فڪري، جذباتي ۽ نفسياتي ڪيفيتن کي سمجهڻ ۽ پرکڻ کان علاوه تاريخ، تهذيب ۽ تمدن کي ساڃاهڻ جو سگهارو ذريعو پڻ رهيا آهن.

**خط نگاريءَ جي ابتدا ۽ ارتقا:**

انسان ازل کان پنهنجي زندگيءَ جي بقا، بهبود، سَهنج، سولائي ۽ روزمره جي ضرورتن ۽ گُهرجن جي پورائيءَ لاءِ، نہ فقط گهربل ۽ ضروري شيون ايجاد ڪيون آهن، پر هن پنهنجن خيالن، خوابن، خواهشن، جذبن، احساسن ۽ اندر جي ٻين اهڙين انيڪ ڪيفيتن ڪي اورڻ ۽ اظهارڻ لاءِ ڪيئي طريقا تخليق ڪيا آهن. انهن مان خط بہ هڪ منفرد ۽ موثر ذريعو آهي.

خط لکڻ جي شروعات، ڪيئن، ڪڏهن ۽ ڪنهن ڪئي؟

انهن سوالن جو ڪو حتمي جواب تہ اڄ تائين ڪو بہ نہ ڏئي سگهيو آهي، البتہ اهو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ انهن جي تخليق جو وڏو محرڪ انسان آهي. انسان جي اظهار جي ضرورت ئي خط لکڻ جي گهرج کي تخليق ڪيو ۽ ڪيس پنهنجي هَمدَمُ ۽ هَمراز سان گفتگوءَ جي شديد خواهش ئي خط کي جنم ڏنو.

انسان، جڏهن ٻين انسانن سان زباني ۽ ڪلامي گفتگو ڪئي ۽ پنهنجا ويچار ونديا هوندا، تڏهن انهن ۾ يقيناً ذهني هم آهنگي جي تعلق سان گڏوگڏ محبت ۽ اُنسيت جو سُٻنڌ پڻ جُڙيو، وڌيو، ويجهيو ۽ مضبوط ٿي، اَٽُٽ ٿيو هوندو ۽ جڏهن ڪنهن سبب/ مجبوريءَ ڪري، هو هڪٻئي کان ڌار ٿيا هوندا، تڏهن انهن هڪٻئي سان رابطي ۾ رهڻ ۽ پنهنجي من ـ اندر جو حال اورڻ لاءِ خط ايجاد ڪيو هوندو. انسان جي انسان کان دوري ۽ مجبوريءَ جي احساس ئي، ان کي زباني گفتگوءَ جي متبادل طور تحريري گفتگوءَ جو شعور ڏنو ۽ ان جي ڪري ئي خط جو لکجڻ، وجود ۾ آيو.

خط نويسيءَ جي تاريخ بہ ايتري ئي قديم آهي، جيتري خود لکت جي فن جي تاريخ اوائلي آهي. جيئن جيئن شعور جي ارتقا ۽ تهذيب ۽ تمدن جي ترقي ٿي، تيئن تحرير ۽ تخليق بہ پنهنجن نئين انداز، اسلوب، رنگن ۽ روپن سان نکري نروار ٿي. انهن رنگن مان هڪ رنگ، خطَ جي صورت ۾ اُڀري سامهون آيو.

پهريون خط ڪنهن لکيو ۽ ڪهڙي زبان ۾ لکيو؟ ان لاءِ وثوق سان تہ ڪجھ نہ ٿو چئي سگهجي، پر موجود حڪايتن، روايتن، مفروضن ۽ اندازن جي آڌار تي، ڳالھ ٻولھ ڪري، ڪا راءِ ضرور قائم ڪري سگهجي ٿي .چيو وڃي ٿو تہ: ”شايد دنيا جو قديم ترين خط اهو آهي، جيڪو قران مجيد جي ڪجھ تفسيرن موجب حضرت يعقوب، حضرت يوسف کي ان وقت لکيو هو، جڏهن هن کي عزيزِ مصر بڻايو ويو هو.“(١٧)

”جيئن تہ مذڪوره خط جو اڃان تائين ڪو متن سامهون نہ آيو آهي، انهيءَ ڪري اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو آهي تہ ان خط جي صورت ڪهڙي هوندي ۽ اڄ پاڻ جنهن کي ’خط‘ چئي رهيا آهيون، هُن ۽ هِن ۾ تفاوت ڪهڙو آهي؟“(١٨)

ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر نسرين ممتاز جو خيال آهي تہ: ”خط جو اصل نمونو ان خط کي قرار ڏئي سگهجي ٿو، جيڪو حضرت سليمان، راڻي بلقيس کي لکيو هو. هي خط پنهنجي پوري متن سميت لفظ بہ لفظ قرآن مجيد ۾ موجود آهي.....ان بنياد تي ان خط کي دنيا جو پهريون خط تسليم ڪري سگهجي ٿو....جڏهن تہ مغرب ۾ سسرو کي دنيا جو پهريون خط نگار سمجهيو وڃي ٿو.“(١٩)

هڪ راءِ اها بہ آهي تہ: ”خط نگاري جي ابتدا سلطنتِ روم ۾ ٿي آهي. ممڪن آهي تهذيب جي ٻين مرڪزن ۾ بہ ان کي هٿي ملي هجي، جنهن جي ڪا ثابتي ڪو نہ ٿي ملي، پر حيرت جي ڳالھ اها آهي تہ يونان ۾ هي شغل نہ عوام ۾ پذيرائي حاصل ڪري سگهيو، نہ ئي خاص ۾ مقبول ٿي سگهيو.“(٢٠)

توڙي جو قديم يونان جي اوائلي شاعر هومر جي طويل نظم ’ايلئڊ‘ ۾، بادشاهن جي خطن جو ذڪر ملي ٿو. هومر جي هن نظم ۾ ڄاڻايل آهي تہ جڏهن اسپارٽا جي بادشاهہ مينيلاس جي زال هيلن کي ٽراءِ جو شهزادو، پيرس ڀَڄائي وڃي ٿو تہ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ وڏي جنگ لڳي ٿي. ان جنگ دوران مينيلاس پنهنجي مدد لاءِ ان وقت جي جوڌي ۽ جوان اڪيلس کي خط لکي پاڻ وٽ گهرايو. هومر هي نظم ٨٠٠ قبل مسيح ڌاري لکيو هو.

ابتدا ۾ خط داخلي جذبن ۽ احساسن جي اظهار خاطر وجود ۾ آيو ۽ جنگ، واپار يا ڪن ٻين سببن جي ڪري، ڏورانهن علائقن توڙي پنهنجي وطن کان ٻاهر ويل عزيزن سان رابطي قائم رکڻ ۽ سندن خير عافيت معلوم ڪرڻ لاءِ، خط و ڪتاب جو رواج پيو. ماڻهن خطَ ذريعي هڪٻئي سان پنهنجي ذات ۽ زندگيءَ جي سُکن، سورن، چاهتن، راحتن، وصل، جداين ۽ ٻين اهڙين ڪيترين ئي ڪيفيتن کي اوريو ۽ اظهاريو، پر اڳتي هلي خط، فقط ٻن فردن جي دلي وارتائن ۽ سماجي سورن جي سارن ۽ پَچارن

تائين محدود نہ رهيو، ان وڏي وقعت ۽ وسعت حاصل ڪئي. ايتري تائين جو بادشاهن، حاڪمن، وزيرن ۽ مشيرن خطن کي نہ رڳو پنهنجن پيغامن، هدايتن ۽ حڪمن جي پڄرائي ۽ رَسائيءَ لاءِ استعمال ڪيو، پر ٻين حڪومتي، سرڪاري ۽ ذاتي مقصدن جي پورائي لاءِ پڻ خطن کي ذريعو بڻايو.

”احڪامن، فرمانن ۽ فهمائشن جون مختلف درجي بنديون ڪيون ويون ۽ باقاعده عنوانن هيٺ خط و ڪتابت ٿيڻ لڳي... مثال طور اڪبر (بادشاهہ) طرفان عبدالله ازبڪ ڏي موڪليل خط کي ’خطاب‘ سڏيائون. شريف حجاز ڏي لکيل خط کي ’نامو‘، فرنگي دانائن ڏي لکيل خطن کي ’مغاوظو‘ ۽ خان خانان ڏي موڪليل خط کي ’منشور‘ سڏيو ويو. والين ڏي لکيل خطَ ’فرمان‘ سڏبا هئا تہ شهزادن ۽ بيگمن ڏي موڪليل خط ’نشان‘ سڏبا هئا... بابر ٻين جي خطن کي ’خط‘ سڏيو آهي ۽ هو پنهنجن خطن کي ’فرامين‘ ڪوٺي ٿو. اهم ۽ خفيہ فرمان، جن تي رڳو شاهي مُهر لڳندي هئي، تن کي ’بياضي‘ سڏيندا هئا، البتہ ’فرمانچہ‘ تي مُهر نہ هڻندا هئا. امير جي تقرري جي حڪم کي ’سَندَ‘ سڏيندا هئا. بادشاهہ پنهنجن وزيرن ۽ اميرن کي جيڪو زباني حڪم ڪندو هو، ان کي تحرير ۾ آڻڻ کان پوءِ ’احڪام‘ يا ’رموز‘ سڏيو ويندو هو. بادشاهہ ڏانهن آيل درخواست کي ’عرضداشت‘ ۽ بادشاهہ طرفان جاري ڪيل اجازت نامن کي ’دستڪ‘ چيو ويندو هو.“(٢١)

خط جي پهچائڻ جا طريقا ۽ ذريعا بہ هر دور ۾ منفرد نوع جا ۽ نرالا رهيا آهن. خط هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين پهچائڻ جو پهريون ذريعو تہ سڀ کان اول خود انسان پاڻ رهيو آهي، پر پوءِ اهي پکين ۽ جانورن ۾ بَدِي پهچائڻ کان وٺي جديد دور جي قائم ڪيل ٽپال جي ذريعن رستي واسطيدارن تائين رَسايا ويا آهن.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ ’سُر پورب‘ ۾ ’ڪانگل‘ يعني ’ڪانوَ‘ جي ذريعي خط موڪلڻ جو ذڪر ڪيو آهي. لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ ’خط‘ لاءِ هڪ ٺيٺ سنڌي لفظ ’ڪانگ‘ پڻ استعمال ڪيو آهي. سنڌيءَ ۾ طويل يا تفصيلي خط کي ’ڪانگ‘ چئبو آهي. اسان اڄ بہ اهو لفظ استعمال ڪندي چوندا آهيون، ’فلاڻي وڏي ڪانگ لکي موڪلي آهي‘. ڀٽائي ’ڪانگل‘ ۽ ’ڪانگ‘ لفظن کي پنهنجي ڪلام ۾ هن ريت سمايو ۽ پيش ڪيو آهي.





ڪانگَ نيئي ڪانگ، منهنجي ڏي محبوب کي،
لالڻ لائيي ڏينهڙا، ڪنهن سنڌاڻي سانگ،
اوهان ريءَ اَڙانگ، ويٺي وِرهہ وَسايان.
( شيخ، سُر پورب، داستان ١، بيت ٢٧، ص: ١٤٨)

جيئن خط جي تحرير جا مقصد ۽ مخاطب مختلف رهيا آهن، ائين اهو مختلف دورن ۾، مختلف شين تي لکيو ويو آهي. ڪَچي ۽ پَڪي مِٽيءَ جي سِرن، پٿرن، ميڻ، ٽامي جي تختين، لوهہ جي ٽُڪرن، وڻن جي پَنن، جانورن جي کَلُن، ڪَپڙي، ۽ اوائلي پَني جي نموني پيپائرس (Papyrus) تي خط لکڻ کان وٺي، چينين طرفان ٺاهيل جديد ڪاغذ تي خط لکجڻ تائين، ان جي تاريخ جيتري دلچسپ ۽ مُهم جوئي جهڙي رهي آهي، اوتري ئي رنگين ۽ رومانوي رعنائين سان ڀريل رهي آهي.

وقت سان گڏ خطَ جي اسلوب، انداز ۽ اظهار جا طريقا ئي نہ، پر مقصد ۽ ڪارج بہ بدلجندا رهيا آهن. خطَ جي انفرادي ۽ ذاتي مراسلت کان علاوه ان کي نہ صرف پيغام رَسائي، ڪاروباري، انتظامي، اخلاقي، ڌرمي، اصلاحي، سماجي ۽ سياسي مقصدن لاءِ ڪَتب آندو ويو آهي، پر ادبي ڪارج جي لحاظ کان بہ خطَ جو وڏو ڪردار رهيو آهي، اهو ئي سبب آهي، جو خطَ جو فن، عام مطالعي جون تقاضائون پوريون ڪرڻ سان گڏ تاريخ، تهذيب، ادب ۽ سوانحي مواد جون گهرجون بہ پوريون ڪري ٿو. خطَ جون اهي گهڻ رُخيون خوبيون ۽ خوبصورتيون ئي آهن، جيڪي ان کي اظهار ۽ فن جي لطيف ترين صداقت جو شرف بخشن ٿيون.

## حوالا


١. اقبال جاويد، سيد، (مرتب) ’خط نگاری-مباحث، روایت اور اہمیت‘ (مقالا: ڈاکٹر سید عبد اللہ، ’اردو خط نگاری‘، قصر الادب، حیدرآباد، ٢٠١٥ء، ص:٧.

٢. مری، شاہ محمد، مترجم: ’جینی مارکس کے خطوط‘، انسٹیٹوٹ آف ریسرچ اینڈ پبلیکیشن، کوئٹہ، ٢٠١٤ء، ص:٩.

٣. سید، عبد اللہ، ڈاکٹر، ’وجہی سے عبد الحق‘، سنگ میل پبلیکیشنز، لاہور، ١٩٧٩ء، ص:٤٩٨.

٤. اقبال، جاوید، سید، (مرتب) ’خط نگاری-مباحث، روایت اور اہمیت‘، (مقالا: ڈاکٹر خورشید الاسلام، ’خطوط نگاری‘، قصر الادب، حیدرآباد، ٢٠١٥ء، ص:١٨.

٥. رضا، محمد عمر،ڈاکٹر، ’اردو میں سوانحی ادب فن اور روایت‘، فکشن ہاؤس،لاہور،٢٠١٢ء، ص:٥٣.

٦. اقبال، جاوید، سید، (مرتب)’خط نگاری-مباحث، روایت اور اہمیت‘، (مقالا: ڈاکٹر سید عبداللہ، ’اردو خط نگاری‘، قصر الادب، حیدرآباد،٢٠١٥ء، ص:١٣.

7. Oxford Advance learners Dictionary, 7th edition, P:882.

8. https://dictionary.reverso.net/english-definition/letter.

9. Memon, Abdul Rasheed, “Kifayats` comprehensive English to Sindhi Dictionary”,Kifayat Academy, Karachi, 2001.

١٠. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’نئين جامع سنڌي لغات‘ جلد - ٢ (چ - ڪ)، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، ٢٠٠٥ع، ص:٨٥٣.

١١. اقبال، جاوید، سید، (مرتب)’خط نگاری-مباحث، روایت اور اہمیت‘، (مقالا: ڈاکٹر نسرین ممتاز، ’خط کا مفہوم، تعریف اور اردو مکتوب نگاری کی روایت‘، قصر الادب، حیدرآباد،٢٠١٥ء، ص:٢٦.

١٢. اقبال، جاوید، سید، (مرتب)’خط نگاری-مباحث، روایت اور اہمیت‘، (مقالا: عظمت حیات، ’مکتوب نگاری: تفہیم تاریخ اور دائرہ کار‘، قصر الادب، حیدرآباد،٢٠١٥ء، ص:١٢٩، ١٣٠.

١٣. ایضاً، ص:١٣١.

١٤. دانش، احسان، ڊاڪٽر (مهاڳ)، ’خط خوشبو خواب‘، - فياض لطيف، ڏاهپ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو، ٢٠١٠ع، ص:١٠.

١٥. اقبال، جاوید، سید، (مرتب)’خط نگاری-مباحث، روایت اور اہمیت‘، (مقالا: ڈاکٹر نسرین ممتاز، ’خط کا مفہوم، تعریف اور اردو مکتوب نگاری کی روایت‘، قصر الادب، حیدرآباد،٢٠١٥ء، ص:٣٧، ٣٤.

١٦. اقبال، جاوید، سید، (مرتب)’خط نگاری-مباحث، روایت اور اہمیت‘، (مقالا: عظمت حیات، ’مکتوب نگاری: تفہیم تاریخ اور دائرہ کار‘، قصر الادب، حیدرآباد،٢٠١ ء، ص:١٢٧.

١٧. انسائیکلوپیڈیا آف اسلام، جلد چہارم، ١٩٣٤ء، ص:١١٥٢.

١٨. انجم، شہناز، ڈاکٹر، ’ادبی نثر کا ارتقا‘، ص:٢٦٤.

١٩. اقبال، جاوید، سید، (مرتب)’خط نگاری-مباحث، روایت اور اہمیت‘، (مقالا: ڈاکٹر نسرین ممتاز، ’خط کا مفہوم، تعریف اور اردو مکتوب نگاری کی روایت‘، قصر الادب، حیدرآباد،٢٠١٥ء، ص:٤٣.

٢٠. اقبال، جاوید، سید، (مرتب) ’خط نگاری - مباحث، روایت اور اہمیت‘، (مقالا: ڈاکٹر خورشید الاسلام، ’خطوط نگاری‘، قصر الادب، حیدرآباد،٢٠١٥ء، ص:٢١.





٢١. لاشاري، ڪليم، ’خطن جو سوانحي مطالعو‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ١٩٩٤ع، ص: ١٥، ١٤.

نوٽ: سمورا بيت شاهه لطيف جي هيٺين رسالن تان ڪنيل آهن:

- شيخ، ٻانهون، خان، ’شاهه جو رسالو‘، جلد ٽئو، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ٢٠١٢ع.
- شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠٠٥ع.